# تو جنين جي ذات....

گهڻي سوچيو، ”منهنجو ڀلا آدمين سان ڪهڙو موهه. مون ته فقط ڪڻ پڪوڙا ٽري کارايا، ڏڪون سنبوسا ٺاهي ڏنا. وهاڙءِ ڪرڻ آيا هئا، وهاڙءِ ڪري موٽي ماڳ هليا ويا. ڌرمشالا ساڳي آهي، آءٌ ساڳيو آهيان، اجايو ويٺو ڀور پچايان.“

مگر ڀُور ته ڪوئي ڀاڙيهي نٿو پچائي، پنهنجو پاڻ من ۾ چوندو:

”آدمي آئي ويا مڙهيون مون مارين
جيڪاريو مارين آنهن سنديون ڪالهڙيون.“

.... سال ٿي ويا. گهڻو حيدرآباد جي ديڙهه واري پڙ ۾ ٻاهر کٽ وڇائي سمهيو پيو هو. ”گهڻا ٻيهن جي رس جي ڊبروٽي.... گهڻا آني جا مرچن جا پڪوڙا. گهڻا مون کي ڏي ته سٺا پڪوڙا، ڪيڏي مهل کان بيٺي آهيان....“

”ڇوري هٿ ته هيٺ ڪر، هٿي ٿالهه ٿي ته ڪيرائي ڇڏين.“ گهڻي سمهي ٿي پاسو ورايو ته کيس کٽ جو واڻ چڀڻ لڳو. پنهنجي ڀُورڙل اکين اندر آن وڏگهرائيءَ هيسيل ڇوڪريءَ جو چهرو ياد ڪري گهڻي واڻ کي، ڇاتيءَ ۽ ٻانهن ۾ خوب زور سان ڇڪي ڏنو. انگوڇي

جو ٽڪر ڇڪي وارن ٻريل ڇانيءَ تان پڳهر اُگهي
ڇڏيو هئائون. ههڙي اڪ ڪولي چوگرد وائومنڊل جي
ڇڪاس ڪيائين. ٻوڇي هڻي وارو ڪڇي ٻرني ٻهل
ڪٽ تي آئي ويٺو هو. سندس ٻر واريءَ ڪٽ تي ڪاون
وازي ڳاڙهي ڪوڏي ۽ ڪاريءَ ڳهير واري هرمچو ٻريل
ٻري پائيندڙ ڇمپا به آئي ويلي هئي. ٻئي ڏينهن تي
هي ٻئي پنهنجي ملڪ ڪچ ڏانهن لڏي ويٺا هئا. گهڻي
ڪي ٻه هاڻ لاء چيو هئائون، پر گهڻي چيو هو، ”توهان
ته ڪچي آهيو پنهنجي ڪچ ملڪ ڏانهن ويندا، اسان جي
ٻي ڪهڙي سند رکي آهي، جتي ويندا سين؟“ ڪچيءَ
چيو، ”گهٽ ته ڪهڙي آهي؟“ گهڻي واڻ جي سنوڻن
ڪي ٻانهن جي ماس ۾ هڻندي چيو هو، ”ساوڻ تڏهن
آهينئين ٻاڻ ملهائيندو؟“

رستي تان آمدرفت ڏيري وڌڻ لڳي هئي ۽
گهڻو پنهنجي آڳهاڙي ڇانيءَ تي جنيو نيڪ ڪندو
آئي ويٺو هو. آٻاسي اڌ تي رڪجي ويس. جنيه اڇا
هٿ ۾ ڏي هوس. جنبي ٻاڻ جي وقت وارو نظارو اکين
۾ لهي آيس. وڏي ڀاءُ جي شادي ٿي هئي رات جو ۽
جنيا صبح جو گهڻي کي پاتا ويا هئا. گهڻي گهونگهٽ
ڍڪيل ونيءَ جا آڇا ٻيڻ جهڙا پير ۽ ميندي رتل
ٻهڪندڙ هٿ ڏٺا ته من ۾ چيائين، ”مان به وڏو ٿي
ٻاٻيءَ جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندس.
پيلا جيڪب آباد ۾ سونهن جي ڪاڪوٽ؟“

پر آکاڙ جي گرميءَ واري هڪ چانڊوڪي رات ۾ گهنو، چوٽ تي پهل کٽ تي ننڊ مان جاڳي پيو هو. کيس همٿ وڃڻو هو، سو جيئن ئي ننڊي کڏ تان لهي ڏاڪڻ ڏانهن وڃڻ لڳو، تيئن ئي سندس نظر وڃي هڪ سندر استريءَ تي پيئي. هوءَ چنڊ جي هار هاران ٿڌڙ چانڊوڪيءَ ۾ بي‌خبر سمهي پيئي هئي. گهاڙهي ريشن جو گل پئي پهڪيو، سندس ڪن وٽ. تلڪ پڙيءَ تہ آچي نراڙيءَ کي ٿي ڪاٽيس، سوني جهرمري آچيءَ ڳچيءَ مٿان آلس ئي پيو ۽ آمبرت جي ڌارا هئي، جا سندس ڇاتيءَ مان پر ۾ سنتل بالڪ پئي پيتي. گهني، چور نگاهن سان چوڌاري نهاريو. ڪير ڪين ٿي جاڳيو. گهنو ڪجهہ دير بيٺو رهيو. راجا جي خزاني مان چوري ڪندڙ ڪوتوال جيان پڪهر ۾ شل. ڪوئي سندس ڇاتيءَ اندر ميهرون هڻي رهيو هو: ”هي خزانو راجا جو آهي، جو ڪراچيءَ مان دڪان لاءِ سامان وٺي ويو آهي. تون ڪوتوال آهين — تون رکوال آهين، چور ناهين — پر چوري مان ڪرڻان ئي ڪٿي ٿو؟ خزانو جنهن جو مان رکوال آهيان، ان جي دل مان ڏس جو بہ آڌڪار ناهي مون کي؟“

”نہ گهنا نہ. فقط رکوالي ڪرڻ تنهنجو فرض آهي.“ ۽ گهني پنهنجي کٽ تان چانڊني ڪٿي پاڻيءَ کي ڍڪي ڇڏيو.

واري جي هاڪ پکڙجي وئي. گهڻي پاڻ کي "گهڻشام" مان ڦيرائي "گهڻو" نه ڪيو هو، پر گهڻي لفظ مان به هاڻي ڪيس اهڙي ته پنهنجائي ڏسي وئي هئي جو چوي: پڪوڙا آهن ناهيان ۽ مشهوري ٿئي ڪوڏوءَ جي. هٽندي هٽندي اسٽيشن کان پري ديڻوءَ جي پڙ ۾ گهڻي کي هڪڙو ٻهرو مسواڙ تي ملي ويو ۽ گهڻو ڪوڏوءَ جي دڪان تان اٿين گم ٿي ويو، جيئن جيڪب آباد مان ٿيو هو.

گهڻي ٻهري کي دڪان ٻڌائڻ ۾ وس ڪري وڌا. گهڻي جي پڪوڙن ۽ ٻين جي ٻهروٽين جي هاڪ ايتري ته پکڙجي وئي جو ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو ٻارن کي گهڻي جي دڪان تي موڪليندا هئا. جڏهن هرڪو "گهڻا رس ۾ ٻهروٽي ڏي .... گهڻا پڪوڙا ڏي ... گهڻا چولا ڏي." چوندو هو، تڏهن گهڻي کي پنهنجي هستي ڪنهن وڏي گهر ٻکي گهوٽ ماءُ جهڙي محسوس ٿيندي هئي.

مگر جڏهن گهڻي ڏٺو ته اوچتو ئي اوچتو سندس نالي پڪارڻ وارا لڏي وڃي رهيا آهن، تڏهن سندس دل ڪاڇي وئي: "تڏهن هاڻي مان ڪنهن جي به ڪپ جو ناهيان؟" هڪڙي پوڇي هلندڙ ڪڇيءَ کي، زال موڏو ڪٿي پاڻ سان گڏ رهايائين، پر آهي به ٿوري گهٽي ڏينهن وڃي وڳر پهڙا ٿيا. گهڻو اڪيلو ٿي، هاڻي ٻهري اندران ڪڙو ڏيئي اندر سمهي ليٽو. پاڙي جي چڱن

ڇڱڻ مسلمانن ته چيو هوس، ”گهنا، اسان جي جان ته
تو سان لڳي، پر ٻچڙا ماڻهو به ته جهان مان موڪلائي
ڪين ويا آهن!“

گهني کي هاڻي چاچي ياد آئي، ڀاڀي ياد آئي. مگر
جيڪبآباد جي اسٽيشن تائين پهچندي ٿي ڪيس
پرون پئجي ويا ته جن کي ڪڏهن هو پاڻ چڙي آئو
هو، سي اڄ ڪيس چڙي ويا هئا. گهر ۾ وڃي ڏارين
کي وڻل ڏنائين ته سچه ڇڄي پيس. پاڙي وارن کان
ٻچا ڳاڇا ڪيائين ته خبر پيس ته چاچي ورهين کان
گهني کي ڳولڻ لاءِ نت پتڻ سان هٿي ٻيٺي هئي، تڏهن
گهنو روڄي پيو.

گهنو رات جي وڳري ۾ ترڪي ڏوڪي مٿي تي
رکي، اسٽيشن طرف روانو ٿي ويو. ڪٿن جو اونائڻ
ڪڏهن به ڪيس اهڙو خراب ڪين لڳو هو، جهڙو ان
وقت جيڪبآباد اسٽيشن جا ون چڙڻ مهل لڳس.

هندستان ۾، چڙي چانڊ گهني کي وڃي ڏکي ڳالهه
ڪانه ٿي. هيڏي هندستان جي هڪ ننڍي شهر ۾ ٿي،
ڌاله پڪوڙن جا وڪٽي آڻندو هو. آهستي آهستي سندس
ڌنڌو اڳي کان اڳرو ٿيندو ويو، پر ”ٻچيا ڏيو،
رگڙا پاءِ ڏيو،“ مان گهني کي اهو سواد نه پئي آيو،
جيڪو حيدرآباد جي ”گهنا پڪوڙا ڏي، گهنا ٻيهن جي
رس ۾ ٻڏروتي ڏي،“ منجهان ايندو هوس. سندس روح
رات ڏينهن پري پري ڪٿي ڀٽڪي نڪري ويندو هو.

اڪيلو اڪيلو ٻاڻ ڪي ڪاٺ جي دڪان جي اندر سڱهندي، جنهن روح جهڪب آباد مان لڏڻ وقت اونائيندڙ ڪڍڻ جيان رڙي آئندو هو.

هڪ ڀيري هڪ سنڌيءَ اچي پڇيس، "گهنا، ڌرمشالا ۾ شادي آهي، راڳائوءَ جو ڪم ڪندين؟" گهني ٻهرين تہ ڀڻسن تي ڌانڌل ڪئي پر اهو سوچي تہ سنڌين جي شادي آهي، مٿان ڪٿي جهڪب آباد وارن جو ڪو ڏس پتو ملي پوي، ڳالهہ مڃي ويو. ليڪن مالها جي ڌنل ڌاڻن جو ميل ڪو مشڪل نڪي. پوءِ بہ گهني ڪي هيءَ ڪم ايترو تہ پسند اچي ويو، جو هاڻي ڌرمشالا ۾ شاديءَ لاءِ آيل سنڌين کي ڏسندو ئي هو تہ بس ڀڳو ويندو وٽن. وڃي هٿ ٻڌي بيهندن، تہ "آدا! راڳائوءَ جو ڪم مون کي ڏجو. پنهنجو سنڌي ٻاءِ آهيان."

وهانءَ وارا روز ٻولڻ تي گهڻي ردبدل ڪندا هئا. پر گهنو هاڻي خوشيءَ سان ڪس ڪاڻي مڙي ويندو هو. روز جو اگهہ تہ گهني لاءِ مور مثل هو، پر وياج ۾ ڪيس جهڪا شاديءَ جي ڇهل پهل - سنڌي لاڏا، جهمريون، گلن جي سڳنڌ ۾ سنڌين جي ڳالهائڻ ٻولائڻ جو وادومنابل هلندو هو، سو ئي ڪيس سڀ کان مٺو لڳندو هو. هو پنهنجي روح اندر ٿيل ڦٽ تي ڪڙي ٻجهندي محسوس ڪندو هو.

ليڪن وهانءُ پورو ڪري جڏهن سنڌي آهندا، تڏهن گهني کي ڪو ڏسي، ڄڻ سور کائيندڙ جانور

جيان پيو پاڻ ڪناپون ڏهي ڪُوڪندو، وڃي وارا هليا ٿي ويندا آهن، پر اڳو هو ڪوئلن جي رک، خالي ٽين ڦان جا ٽوڪرا ۽ پاٽلن جا ڍير - گهڻي ڪي لڏپلاڻ جو وقت وري وري پيا ياد ڏيارين. وري وري ماڻهن کي ڏسو لاه ٽوڪ هن جي دل اندر زور زور سان اڀري آئندي آهي. ساڻن پڇاڻا بہ سندس اميد، رک ۽ لڪل ڳانڍي جيان اندر ئي اندر چرڪندي ٿي رهي. هر دفعي، ٽرمشالا خالي ٿيڻ مهل گهڻي جو روح، جيڪب آباد ڇڏڻ واري رات واري ڪٿي کي اوناڻيندو ٿو پڌي. آها منحوس اونار ڪيس اڄ رات ٽاڻين ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندي آهي. ۽ گهڻو سوچيندو رهندو آهي .... ۽ ڪجهہ ڪجهہ ياد ڪندو رهندو آهي.

---